SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIX مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XXXIX OF 2002

سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act VII of 1975

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Act VII of 1975

4. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Act VII of 1975

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIX مجريہ 2002

SINDH ORDINANCE NO.XXXIX OF 2002

سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[21 آڪٽوبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر

خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act VII of 1975

2. سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 5 ۾، لفظن "ويهہ هزار به سئو پنجاهہ رپيا ۽ ارڙهن هزار" لاءِ لفظ "تيهہ هزار ۽ پنج سئو ستاويهہ هزار رپيا" ترتيبوار متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Act VII of 1975

3. ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾، ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2) جتي اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر کي سرڪاري رهائش ناهي ڏني وئي يا اهو پنهنجي گهر يا نجي گهر ۾ رهڻ کي ترجيح ڏئي ٿو تہ ان کي ترتيبوار اوٽيتاليهہ هزار ۽ پنج سئو رپيا ۽ پنجٽيهہ هزار رپيا ماهوار ۽ ان کانسواءِ اسيمبليءَ جي پهرين مدي دوران مختلف موقعن تي ڏهہ مارچ 1985 کانپوءِ يا نئين اسيمبلي جي چونڊ کانپوءِ ست هزار رپيا فقط هڪ پيرو جڏهن اهو وزير مقرر ٿيو آهي يا اسپيڪر چونڊيو آهي يا ڊپٽي اسپيڪر چونڊيو آهي گهر ڏيڻ لاءِ ڏنا ويندا.".

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي

4. ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "چار سئو ۽ پنجاهہ" لاءِ لفظ "پنجہ سئو ۽ پنجاهہ" رپيا

متبادل ٿيندا.	دفعہ 10 جي ترميم
نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي	Amendment of Section 10 of Sindh Act VII of 1975